# ماڻهو منڃي ويا

نهالي ٻڙودي جي اسٽيشن تي لهي، ڪن گهڙين لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي ٻئگ ڪڻي اسٽيشن کان ٻاهر هلي آئي. ڪوبہ ڪيس ونڻ ڪين آيو هو. سندس نراڙ ۾ گهنج پئجي ويو. هڪ رڪشا هلائيندڙ سندس اڳيان اچي بيٺو. نهاليءَ ڪيس ائڊريس ڏيکاري تہ رڪشا واري ڏنئي پاسي واري رستي ڏي اشارو ڪري چيو، "هلو، رڪشا ۾ وهو تہ وٺي هلانو." چوندي چوندي رڪشا واري کي کنگهہ جو دورو پئجي ويو ۽ نهالي سٽ سٽ ڪندي هلي ويئي. ٿورن منٽن ۾ ئي وري رڪشا واري اچي چيو، "دادي چڙهو نہ رڪشا ۾."

نهاليءَ پيڪ ڏني، "چيم نہ ڪانہ ڪپي رڪشا. مئا گهر ويجهو هوندو پوءِ بہ رڪشائن کي وينا پاڙا ڏينداسين ڇا؟"

رڪشا واري نهاليءَ جي ٻئگ ۾ هٿ وجهي چيو، "دادي، مان گورڌن آهيان. توهين سڃاڻو نٿا ڇا؟"

نهاليءَ جي هٿن مان ٻئگ ڇڏائجي ويئي. پر پاڻ رڪشا ۾ پير نہ پيئي رکي وسمئيءَ ۾ پئجي گورڌن کي ڏسڻ بيهي رهي ٻہ سال اڳ وارو گورڌن ۽ هي گورڌن ڏسي نهاليءَ کان ڇرڪ نڪري ويو، مگر الاجي ڪهڙي خيال اچڻ تي آواز ۾ ٿوري هڏي پري چيائين، "مون تہ سڃاتو ماڻئي ڪين."

گورڌن خاموش بيٺو رهيو. نهاليءَ چيو، "ٻڌايا، مان پنڌئي چگي آهيان."

گورڌن منهن تي ڪوبہ ڀاءُ آڻڻ کان سواءِ چيو، "ليئن ڪيئن ٿيندو."

نهالي رڪشا ۾ چڙهي ويني. شام ٿي چڪي هئي چوسول جون ٻتيون ٻري چڪيون هيون ڏنئي پاسي واري رستي تي جتي ٻتين جي روشني جهڪي ٿي پيئي اتي هڪ وڏو